# وڏيرو سلطان علي خان



# سلطان علي خان

ولديت: نبي آندو بن الهداد بن عبدالغفور خان
اولاد : هڪ پٽ, محمد مٺل خان
ذات: ڪلهوڙو
وينلائيپ: ڳوٺ تاڳڙو پوسٽ آفيس رپڙي, تعلقہ گمبٽ
ضلع خيرپور سنڌ
پيدائش: اٽڪل 1900ع
وفات: 11 آگسٽ1977ع بمطابق 25 شعبان 1397هہ
همعصر: وڏيرو علي بخش سروهي (اول) گل محمدجاگيراڻي,
رئيس اعظم خان لنڊ (سينارجا) الله بخش ڪوري
پيشہ: زميندار ي
حليو: قد پورو پنو رنگ, ڪڻڪ رنگو نڪ,ڪنبو, منهن موڪرو, فيدريش,اڪثر پٽڪو ٻڌل.

**عظيم قوم جو عظيم رهنما وڏيرو سلطان هو.**
**دشمنن تي بي عنايت ڪرڻ ڪم سلطان جو**

سنڌ وڏاوڏا عالم, فاضل, اديب, شاعر, ليڪڪ, پير فقير, امير غريب, هاري زميندار, شاهہ گدا, مهمان نوازءِ سخي مرد پنهنجي گود ۾ نپايا آهن. پر سونهاري سنڌ هڪ اهڙي بيخوف شخص کي تولد ڪيو آهي جنهن پهلوءَ تي پهرين تاريخن جا ورق خالي ڏسڻ ۾اچن ٿا. سنڌ اها شخصيت پيدا ڪئي آهي جنهن غريب هوندي سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ جو لقب حاصل ڪيو ۽ اڻ پڙهيل هوندي ڏاهي جو لقب حاصل ڪيائين. اهو ڏينهن ڪيڏو نہ ڀاڳن ڀريو هوندو جنهن ڏينهن هن عظيم پيڪر هن فاني دنيا ۾ طلوع ٿيو هوندو. ان ڏينهن ان جيجل ۽ پيءُ جي نشاط جو انداز ڇا نہ هوندو جنهن جي گهر ۾ هي جاويدخصلتن جو بادشاهہ سلطان علي خان ڪلهوڙو ڄمي.

وڏيرو سلطان ڪلهوڙو دنيا جي عظيم انسانن مان هڪ هيو. هن سخي ۽ نيڪ مرد انسان جي جنم ڀومي ڳوٺ تاڳڙو آهي, هي هڪ وچٽري خانداني گهراڻي سان تعلق رکندوهو. هي ننڍپڻ کان ئي نهايت ذهين ۽ سلڇڻو ۽ ڏاهو هوندو هيو. هي جهڙو سخاوتءِ شجاعت ۾ تهڙو همت ۽ جرئت۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. سندس گفتگو بہ بلڪل فصيح ۽ بليغ هوندي هيس. هن جي عمر جيئن جيئن پئي وڌندي وئي,تيئن شهرت ۽ شجاعت بہ ڏينهون ڏينهن پئي وڌندي وئي, هي وينجهار ڪچهريءَ جو مور ۽ فيصلي ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. جڏهن تہ اسڪول جو منهن بہ ڪو نہ ڏٺو هئائين.

مهمان نوازي
**السخي حبيب الله ولو ڪان فاسق**
**ترجمو: سخي الله جو دوست آهي, چاهي گنهگار ڇو نہ هجي.**

وڏيري سلطان علي خان جي سخاوت ۽ مهمان نوازي جا ڪيترائي قصا مشهور آهن, جن ۾هي قصو تمام گهڻو مشهور آهي, هن قصي کي استاد صاحب ڏنو سومرو هينئن ٿو بيان ڪري تہ (اها ڳالهہ مامي هادي بخش بہ ائين ئي ٻڌائي) تہ چاچوسلطان مونکي پنهنجي سڳي پٽ جيان ڀائيندوهيو, پڙهڻ جي

سانگي چاچي سلطان وٽ رهندو هيم, "هڪ رات, ٽيو ائين جو مان ۽ ادو ٻاهر اوطاق ۾ سمهياسين ۽ چاچو گهر ۾ سمهيو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. مينهن وسي رهيو هيو تہ ايتري ۾ ڳوٺ جي ٻاهرين سڙڪ (جتي هينئر روڊ آهي) تان سڏ ٿيا, "وڏيرا سلطان هو, وڏيرا سلطان هو" ايتري ۾ چاچو سلطان لوڙهہ (لٺ) سميت گهران نڪري آيو ۽ اسانکي چيائين تہ وڃو ۽ ڏسو تہ ڪير ٿو سڏ ڪري, جيڪڏهن ڪو مسافر واٽهڙو آهي تہ هيڏي وٺي اچوس ۽ جيڪڏهن ڪو دشمن آهي تہ مان اوهانجي پٺيان اچان پيو. اسان ٻئي وڃي سڙڪ تي پهتاسين چاچو بہ پويان اچي پهتو تمام گهڻي تعداد ۾ مرد ۽ عورتون هيون, جيڪي دراصل ڄڃ هئي, انهن کي دير ٿي وئي هئي سو بارش بہ پئجي رهي هئي ۽ سفر بہ ڏورانهون هين تنهن ڪري رات ٽڪڻ جي خواهش هين, پوءِ ڄڃ کي اوطاق تي وٺي آياسين, عورتون گهر ڏانهن موڪليوسين ۽ مردن لاءِ اوطاق تي بندوبست ڪيوسي, ان کان اڳ اوطاق ۾ ڏاند ۽ گهوڙا ٻڌل هيا تن کي ڇوڙي گهر موڪليوسين ۽ تڏا سڄي اوطاق ۾ وڇاياسين, پوءِ چاچي سلطان مونکي ساڻ ڪري اچي جيسي واڻئي جي دڪان جو ڪڙڪايو, جيسي کان مڻ چانورن جو ۽ مڻ اَن جو ۽ ٻيوسنهو ٿلهو سودو تورايائين.

ڏڪر ۾ مهمان ڪارائڻ, سلطان سخي جو فعل آ,

دوست دشمن کلي ڪارائڻ, سلطان جو ڪيل آ.

ان تي جيسي چيس تہ وڏيرا سلطان, هي سودو تہ توکي ڏيان ٿو پر تنهنجو اڳلو ڪنڏو بہ واري ڇڏيم, مونکي خبر نہ هئي تہ تون ڪو ايڏو وڏو سخي آهين ۽ اڳتي بہ تنهنجي لاءِ سودو مفت آهي, تنهن تي چاچي رڙ ڪري چيس تہ خبردار! جيڪڏهن تو منهنجي ثواب ۾ ڪو دخل ڏنو آهي, هي وٺ هن سودي ۽ اڳئين سودي جا پيسا, اڳتي تو وٽان سودو ڪڻڻ بند آهي, جيڪڏهن تو مفت جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ؟ ان تي جيسي ٻانهو ٻڌي چيس تہ وڏيرا سلطان ناراض نہ ٿي, جيئن تنهنجي مرضي, پوءِ سودو وٺي اَن جي ٻوري چاچي الهہ بخش ڪوري ڏانهن موڪلي سون تہ جيئن جلدي ۾ جنڊن تي ان پهرائي ڏئي, پوءِ چانورءِ ٻيو سيڌو ساڻ ڪري اچي اوٻاهي حجم کي اٿاريوسين جنهن اچي اڃن چانورن جون ديڳون لاٿيون, پوءِ اڃن چانورن تي مٺائي ٻرڪيندي سڄي ڄڃ کي ڊءِ ڪرائي سمهاريوسين. پوءِ چاچي, حجم کي چيو تہ صبح جو سوير اڃجانءِ ۽ اسانکي چيائين تہ ڄڃ کي صبح جو تيستائين نہ ڇڏجو جيستائين مان گهران نہ اچان.

خير جو صبح ٿيو چاچي سلطان سويري سويري چاچي الهہ بخش ڏانهن اٽو گهرائي ماني تيار ڪرائي ورتي ۽ ڄڃ کي نيرن ڪرائي پوءِ فارغ ڪيئون.

اها هئي وڏيري سلطان علي خان جي سخاوت جنهن غربت جي دؤر ۾ بہ ڪمي محسوس نہ ڪئي جيڪا اسان جي لاءِ تمام وڏو مثال ۽ سبق پڻ آهي.

"سخي هوندو سو جنهن جو آسرو الله تي"

ڏڪر جي وقت ۾ بي سخاوت ڪرڻ ڪم سلطان جو,

بي رياءُ ۽ بي ڊپو ٿي عدالت ڪرڻ ڪم سلطان جو.

ڏڪر واري دؤر ۾ جڏهن ماڻهن کي پنهنجي کائڻ لاءِ بہ اَنُ ڪو نہ هوندو هو تنهن دؤر ۾ بہ هن سخي مرد جي اوطاق هلندي هئي. اگر ڪو اوپلو مهمان ايندو هيو تہ پنهنجو ڪاڏو بہ ان جي حوالي ڪندو هو, ڪڏهن بہ ڪو مهمان سندس اوطاق تان بکيو نہ موٽيو.

سندس مهمانن سان برتاءُ نهايت بهتر هوندو هيو. سندس سخاوت نالي ڪارڻ نہ پرخدا ڪارڻ هئي.

اهو ئي سبب هيو جو سيني سان هڪ جهڙو برتاءُ هوندو هيس، سندس ظاهري طرح ڪو وڏو املاڪ ڪو نہ هيو پر قدرت ڪيس جو هٿ ڪو نہ روڪيو هيو.

وڏيرو سلطان نہ فقط سخي ۽ فياض پر هڪ جانثار جوڌو بہ هيو، هنجي جوت، جواني ۽ پهلوانيءَ ڪي هر شخص مڃي چڪو هو.

سخي ڏٺاسون، پئي ڏٺاسون، سلطان سخاوت ۾ آور آ،

جوان ڏٺاسون، پئي ڏٺاسون،سلطان جوانيءَ ۾ زور آ.

مطلب تہ عام ماڻهو تہ هنجي سخاوت ۽ شجاعت ڪي مڃي چڪا هئا، پر خاص بہ ان خيال سان متفق هيا، هي هڪ حق گو ۽ خداترس انسان هيو۽ سفيد ريش جوان هيو.

وڏيرو سلطان علي خان اڪثر اوطاق ۾ ويهندوهو. جيئن ئي ڪو مهمان يا مسافراوطاق ۾ لنگهندو هيو تيئن ئي انجي خاطر توازع لاءِ وڏيري جو حڪم هلي ويندو هيو.

مثال:

استاد قربان علي سولنگي (ملهيراڻي سولنگي لڳ راڻيپور) ٻڌائي ٿو تہ مان پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ريڙيءَ ۾ استاد جي حيثيت ۾ بدلي ٿي ويم (تنهن وقت ريڙي کان راڻيپور اچڻ وڃڻ ڏکيوهيو، سو اتي ئي رهڻ جو ارادو ڪيم) اوطاقن جي پڇا ڪيم جو بہ ٽي اوطاقون ٻڌايون ويون، هڪڙي وڏيري (نالو لکڻ مناسب نہ ٿو لڳي) لاءِ سلام بہ ساڻ ڪٺي آيم پر جڏهن اوطاق تي ويو مانس تہ منهنجي دل اتي رهڻ غير مناسب سمجهيو سو وڏيري سلطان علي خان جي مشهور اوطاق تي آيم ان وقت چاچو سلطان خان اوطاق تي وينو هيو. هٿ ڏٺاسون ئي مس تہ ايتري ۾ چاچي وڏيري سلطان خان پرسان ويٺل ڇوڪري کي چيو تہ ميهر پٽ (جيڪو اڳتي هلي استاد ميهرپنهور جي نالي سان سڏيوويو) وڃ اسان جي گهران مهمان لاءِ ماني ڪٺي اچ. ڇوڪرو ميهر گهران ماني ڪٺي آيو۽ پوءِ ماني کائي ڏءُ ڪيم. ان ڪانپوءِ وڏيري مونکان حال احوال ورتو.

سچ ڳالهائڻ

وڏيرو سلطان علي خان جهڙو سخاوت ۽ شجاعت ۾ تهڙو همت ۽ جرئت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. سندس گفتگو ۾ فصاحت ۽ بلاغت هوندي هين، سندن جا زمانا برڪت ڀريا هيا، گهٽ گهرجون ۽ ٿورا خرچ هيا، ماڻهن جي چوڌاري تمنائن جا ايڏا ڪوٽ ڪو نہ اڏجي چڪا هيا، ماڻهو حرس ۽ حوس جو بندو ڪين بڻيو هيو.

سچ ڳالهائڻ وڏيري جي فطري عملن ۾ سمايل هيو، هر ڳالهہ چاهي اها ڪنهن جي فائدي ۾ هجي يا نقصان ۾ پر ان ۾ سچائي بلڪل هوندي هين، اهابہ هڪ حقيقت آهي تہ سچائي جو مقابلو دنيا ۾ ڪا بہ طاقت نہ ڪري سگهندي آهي.

اڄ ڪلهہ اهڙو سچائي جو مثال ڪو بہ وڏو ماڻهو، وڏيرو، زميندار خواه جاگيردار مشڪل سان پيش ڪري سگهندو. ان سچائيءَ جي ڪري وڏيرو موصوف هميشہ سرهو سرهو پيو گذاريندو هيو، سندس جي پاليسي هئي تہ :

”ير ياءُ جي ونجي ۽ شاهدي خدا لڳ ڏجي.“

سچائي جا هي وڏا مثال بيان ڪجن ٿا.

مثال نمبر: 1

**هڪ ڀيري پاڻ ٽانگي تي کهڙا شهر کان ڳوٺ ڏانهن اچي رهيا هيا. جڏهن ٽاڪڙي جي نندي پل پرسان پهتا تہ ڏٺائون تہ يار محمد مريءَ بندوق سان رئيس الله رکي خان مري ( استاد حسين بخش جو مامون) تي سڌا فائر ڪيا ۽ کيس زخمي ڪري هليو ويو. پوءِ جڏهن پوليس آئي تہ وڏيرو سلطان ڪيس ۾ اکين ڏٺو گواهہ بڻيو. جنهن تي يار محمد مري چيس وڏيرا اسان تہ توهان جا ماڻهو آهيون، هميشہ توهان سان رهيا آهيون ۽ رهنداسين، مهرباني ڪري توهان شاهدي نہ ڏيو تہ مون تي ڪيس نہ بيهندو (يار محمد خان پوليس ۾ جمعدار هجڻ سان گڏوگڏ نهايت ئي ڏاهو ۽ داناءُ ماڻهو هيو) وڏيرو نڙ نپ جواب ڏنس تہ شاهدي خدا لڳ ڏيندم باقي ڪيس ۾ ٻيج ٻڪ ۽ تنهنجي مدد ڪندس، چاچو يار محمد خان وڏيري جي اصول کان واقف هيو تنهن وڏيڪ زور نہ ڀريو ۽ انهي ڪيس ۾ ڇهہ سال کن جيل ڪاٽيو ۽ وڏيري سان بہ حق جي ڳالهہ تي راضي رهيو.**

**اها تمام مشڪل ۽ ڏکي ڳالهہ هوندي آهي جو پنهنجي ماڻهوءَ خلاف حق جي شاهدي ڏجي. بهرحال ڳالهہ پنهنجي يا پرائي، دوست دشمن جي نہ آهي پر حق ۽ سچ جي آهي.**

مثال نمبر :2

**محمد اسماعيل ولد ارباب علي خان ڪلهوڙو ٻڌائي ٿو تہ هڪ دفعي D.M خيرپور خانصاحب نبي بخش خان ڪلهوڙو (ڪوٽڏجي وارو) کي حد جي ماڻهن خصوصاً ڪجهہ مخالف وڏيرن درخواستون ڪيون تہ وڏيرو علي محمد پنهور رپڙي وارو چورن چڪارن، رولن ۽ بدمعاشن جي سرپرستي ڪري ٿو، جنهن ڪري علائقي ۾ ڏوهہ وڌي ويا آهن، جنهن تي D.M خيرپورو خانصاحب نبي بخش خان ڪلهوڙو، رپڙي ۾ کليل ڪچهري لڳائڻ جو حڪم صادر فرمايو. پوءِ جڏهن کلي ڪچهري لڳي تہ مخالف وڏيرن ۽ نندين، وڏيري علي محمد خلاف باهہ ٻاري ڇڏي آخر فيصلو ائين ٿيو تہ عمل Action ان ڳالهہ تي ٿيندو. جيڪا وڏيرو سلطان خان شاهدي ڏيندو. (ان وقت وڏيرو سلطان خان ۽ وڏيرو علي محمد خان هڪ ٻئي کان پاسيرا هيا، ماڻهن سمجهيو تہ اج وڏيرو علي محمد نہ بچيو. اجهو ٿو جيل وڃي) جڏهن وڏيري سلطان خان کان گواهي ورتي وئي تہ هن سچگو انسان چٽن لفظن ۾ چيو تہ : مان وڏيري علي محمد خان پنهور کي چوري ڪرائيندي نہ چورن سان گهمندي ڏٺو آهي باقي ٻڌين ڳالهين تي ڪا گواهي نہ ٿو ڏئي سگهان. ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون ۽ چوڻ لڳا تہ وڏيري سلطان موقعي جو ڏک وڃائي ڇڏيو. مخالف جو اهڙو وجهہ ڪوئي نہ وڃائيندو آهي. پوءِ وڏيري علي محمد خان اوطاق تي اچي وڏيري سلطان علي خان جا ٿورا مڃيا ۽ احسانمند ٿيو پر وڏيري سلطان علي خان چيس تہ منهنجو توتي ڪو بہ ٿورو يا احسان نہ آهي مونکي جيڪو سچ ۽ حق سمجهہ ۾ آيو سو مون چيو.**

**عظيم قوم جو عظيم رهنما، وڏيرو سلطان هو.**
**دشمنن تي بي عنايت ڪرڻ ڪم سلطان جو.**

**استاد امان الله سومرو چوي ٿو**
**تہ وڏيرو سلطان سچ چوندڙ ۽ منهن تي چوندڙ هيو ۽ ڪنهن بہ قسم جو رياءُ نہ ڪندو هيو.**

## ڪورٽ ۾ گواهي

پنهنجي علائقي جو هي واحد ماڻهو هيو جنهن کان عام مئجسٽريٽ يا ضلعي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ گواهي دوران قسم نہ کڻايو ويندو هيو جنهن جو سبب صرف سچگوئي هئي. اهڙو مثال تاريخ ۾ تمام گهٽ ماڻهن جو هوندو. اهڙن سچن ماڻهن جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو وڃي تہ بہ گهٽ آهي.

## ماڻهوءَ شناسي

وڏيرو سلطان علي خان ماڻهن جي بہ وڏي سڃاڻپ رکندو هو. ماڻهوءَ کي ڏسندي، گهمندي ڦرندي اندازو لڳائي ويندو هيو تہ هن ماڻهوءَ مان ڪنهن کي سرهي (فائدو) پوندي يا نہ وغيره وغيره

## نظر جو (فن) هُنر

وڏيري کي دنيا جي بادشاهت ڪانہ هئي پر عوام هنکي سلطان تسليم ڪري چڪو هيو.

وڏيري سلطان علي خان کي نظر هڻڻ ۾ بہ مڃيو ويندو هيو. سندس پنهنجو چوڻ اهو هيو تہ مان جاڻي ٻجهي نظر نہ ٿو هڻان پر جڏهن ڪو ماڻهو اک تي چڙهي وڃي ٿو تہ زبان مان آواز نڪري وڃي ٿو ۽ وڃي ان تي عمل ڪري ٿو. مان ان ۾ بي وس آهيان.

### مثال1:

هڪ دفعي ٻڌايو وڃي ٿو تہ وڏيري کي نياڻي ڄائي. وڏيري جڏهن ان کي ڏٺو تہ زبان مان نڪري ويس تہ هيڏي سهڻي منهنجي نياڻي! انڪانپوءِ اها ويچاري چڙهي نہ سگهي ۽ آخر ڏڻيءَ در حاضر ٿي.

### مثال2:

وڏيري جي رئيس اعظم خان لنڊ (سينارجا) سان ياري هوندي هئي. ان ڏانهن اچڻ وڃڻ ٿيندو هين. عطا محمد لنڊ (سينارجا) بہ نظر هڻندو هيو. هڪ دفعي وڏيرو ۽ عطا محمد لنڊ ٻئي گڏيا بينا هيا هڪ شخص اچي گهوڙي تي لانگهو ٿيو. ان تي وڏيري، عطا محمد لنڊ کي چيو تہ "هڻيس يا هڻانس. عطا محمد لنڊ گهڻي ڪوشش ڪئي پر نہ لڳس پوءِ وڏيري کي چيائين تہ سائين توهان هڻونس. بس وڏيري جي ڏسڻ جي دير سوار گهوڙي سوڌو ڪري پيو. ان تي عطا محمد لنڊ کيس مڃيو تہ بيشڪ چاچا وڏيرا تون اسان کان زور آهين.

## هٿ ڪٽي ڳالهائڻ

هيو نيڪ مرد هي خدا جي بندن ۾ پيارو.

سچ جي هميشہ سچي حڪايت ڪرڻ ڪم سلطان جو.

وڏيرو سلطان جهڙو هيو جانٺو جوان تهڙو هيو بهادر پهلوان. دل جو صاف ۽ ڪليل انسان. من ۾ محبت ۽ نشاط جا گنج هياس. وڏيرو سلطان ئي پنهنجي وقت ۾ پنهنجي علائقي جو واحد ماڻهو هيو جيڪو هٿ ڪٽي ڳالهائيندو هيو.

هيرا ڏنم لک هزار پر سلطان سرهو هو سڀ کان.

اهڙو مانجهي چوي "مصطفيٰ"، سنڌ جو اڇي سينگار ٿيو.

هڪ لڱا سندس پٽ محمد مٺل خان ڪلهوڙو ڪنهن قومي فيصلي ۾ مشير ٿي وينو ۽ هٿ ڪٽي ڳالهائي رهيو هيو. ان تي سرپينچ وچان چيس تہ تون وري ڪهڙو وڏيرو سلطان پيدا ٿئين جو هٿ ڪٽي ٿو ڳالهائين. ايتري ۾ سرپينچ جي پرسان ويٺلن مان هڪ ٻڌايس تہ اهو شخص وڏيري سلطان جو پٽ آهي. سرپينچ خبر ٻڌڻ شرط اٿي هن کان معافي ورتي ۽ ٻڌايائينس تہ ”وڏيرو سلطان ئي هن علائقي جو واحد ماڻهو هيو. جيڪو هٿ ڪٽي ڳالهائيندو هيو.“

وڏيري سلطان جي بهادري ۽ قابليت جي جيتري بہ ڳالهہ ڪجي سا اٹ جي وات ۾ جيري جي برابر آهي. هي وڏين وڏين لافاني ۽ املهہ ماڻڪ صلاحيتن جو مالڪ هيو.

ميرن جي ڏل

محمد اسماعيل ولد ارباب علي خان ڪلهوڙو ٿاڱڙي واري ٻڌايو( مامون هادي بخش ولد گل محمد ڪلهوڙو ۽ جلال الدين ولد ارباب علي ڪلهوڙو موجود هيا) تہ هڪ دفعي ڪوٽوارڪي مار ڏنائين ۽ چيائين تہ ميرن جي ڏل نہ ڀريندو آهيان پوءِ تون هيڏي ڪيئن آيو آهين. وڏيرو سلطان خان ميرن جي حڪومت جو مخالف هيو ۽ انهن جي ناجائزين ڪي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيائين.

ميرن سان مقابلو ۽ هجرت

ڇا مجال ميرن ڪي جو اچن سامهون سلطان جي،
سندن محفل ۾ سندي شڪايت ڪرڻ ڪم سلطان جو

وڏيرو سلطان اهو ماڻهو هيو جيڪو خدا تعالیٰ کانسواءِ دنيا جي ڪنهن بہ طاقت کان نہ ڊڄندو هيو. ان وقت ميرن جي حڪومت هئي، ميرن جو عوام ۾ وڏو رعب ۽ دابو هيو. ميرن جي ڀيل ۽ مافن مان ماڻهو پنهنجي جان ڪونہ ڇڏائي سگهندا هيا ليڪن اندروني طرح سخت ناراض ۽ تنگ ٿي چڪا هيا. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهڙي دؤر ۾ ميرن جي خلاف نالي وٺڻ وارو ڪونہ هيو. مير، خيرپور رياست جا والي هيا. مير پنهنجي خوشامندڙين ڪي ديهون ڏيندا هيا پر حق جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بنهہ تيار ڪين هئا. مير خوشامند، شڪار ۽ بي عقلي جي ڳالهين ۾ محو هوندا هيا.

اهڙي ڏکئي دؤر ۾ هي واحد بي غرض، بي خوف ۽ ڪنڌار مڙس اچي مهاڏو اٽڪايو. ميرن جي ڇيڙن ڪي ٺڪرايو ۽ ميرن جي ڦيرن ڪي باهيون ڏياري ڇڏيون ۽ ميرن جي ڀيل کان بري رهيو ۽ ميرن جي بي وقوفي وارين محفلن کان باغي رهيو. ميرن سندس تڪليف ۽ تنگ ڪرڻ لاءِ هر طرح جون ڪوششون ڪيون پر هي جوان ڪڏهن بہ ڪين وڪڙ ۾ نہ آيو. آخرڪار دشمني دنگ چڙهي وئي نيٺ وڏيري سلطان لاڙڪاڻي ڏانهن رخ ڪيو ۽ ميرن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ تي وري واپس آيو.

اها هئي وڏيري جي ظلم خلاف جنگ، دليرپ، بهادري ۽ لاغرضائپ جنهن جي ڪري ڪيس اڄ بہ ڪچهرين ۽ اوطاقن ۾ ياد ٿو ڪيو وڃي، وڏيرو ڪنهن ماڻهوءَ کان تہ ڇا پر موت کان بہ نہ ڊڄندو هيو.

”ڪسڻ قرب جن مرڻ تن مشاهدو“

اثر رسوخ

وڏيري سلطان علي خان جو ڪڇي جي ڳوٺن صادق ڪلهوڙو (جتي ميرن جي بادشاهي ۾ گهڻو وقت گذاريائين ۽ اڪثر ڊور ڏڱا چارڻ لاءِ بيهاريندو هيو) گلوسيال، دڙو (لڳ صدر جي ڀٽيون) مالهي، منگڻيجا ۽

ڪڙيا ۾ وڏو اثر رسوخ هيو ۽ انهن ڳوٺن جي وڏيرن جو وڏو وڏيرو هيو.

ڪڙيا جو وڏيرو عارب ڪڙيو (وڏيري سلطان علي خان ڪُڙين کي ڪلهوڙني جي شاخ سمجهندو هيو) وڏيري سلطان خان جي وڏي عقيدتمندي ۽ عزت ڪندو هيو ڪانئس لهرائيندو به ڏاڍو هيو.

وڏيري عارف ڪڙئي هڪ دفعي دل ۾ڏي چيس ته وڏيرا سلطان خان حقيقت هيءَ آهي ته ڪچي جي علائقي ۾ ته آءُ به منو مختيارڪار آهيان پر تنهنجي اڳيان ڪوتوار به نه پيو سونها.

چورن لاءِ پويون ڏينهن

هڪ دفعي صادق ڪلهوڙو ڳوٺ مان چوري ٿي وئي, چور ڏاند ڪاهي هليا ويا, وڏيري وٽ اچي دانهن پهتي(تنهن وقت ماڻهو پوليس ڏي گهٽ ۽ چڱن مڙسن ڏي وڌيڪ ويندا هيا) وڏيري چوري ٽيڻ جي ڪارروائي پڇڻ ڪانپوءِ هڪ ڪڙيي (ڪڙيا ذات جي هڪ چور) کي اوطاق تي گهرايو ۽ چيائينس ته چوري موٽائي ڏي, تنهن تي چور ڏاڍا قسم کنيا ۽ پاڻ کي بي قصور پيو محسوس ڪرائي (اوطاق تي موجود ماڻهن سمجهيو ته چوري ڪڙئي نه ڪئي آهي باقي وڏيرو هروڀرو ٿو هن کي چوي) پوءِ وڏيري اچي ڪڙئي (چور) کي لنين سان ورتو. ايتري ۾ چور رڙ ڪري چيو ته وڏيرا وڌيڪ نه مار مان چوري ڏيان ٿو. سڀئي حاضرين اچي اچرج ۾ پئجي ويا ته جنهن کي هو بي قصور پيا سمجهن اهو چور لڌو, پوءِ چور ڪيل انجام تي سڱ سوڏو چوري موٽائي ڏني.

Wadero was just like an expert Police Officer

پاڙي جي چڱي جي عزت

وڏيرو سلطان خان پنهنجي علائقي جي وڏيرن مان وڏيري علي بخش سروهي (اول) جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو هيو. ۽ انجي ڳالهه کي داد ڏيندو هو (وڏيرو علي بخش سروهي ”اول“ ان وقت جو علائقي ۾ وڏي ۾ وڏو زميندار هيو.)

عباسي اهڙي رهبر کي آهن لک لک سرور سلام,
جو غريبن ۽ يتيمن جي حمايت ڪرڻ ڪم سلطان جو.

سيد جو احترام

وڏيرو سلطان علي خان سيد ذات جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو ايتري تائين جو جڏهن سيدن واري گهٽيءَ ڪان ويندو هيو ته پنهنجا هٿ ڪنن ۾ وجهي لنگهندو هيو ته متان ڪو حويلي مان آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ اچي

قانون سازي

وڏيرو سلطان علي خان ڳوٺ ۾ هڪ قانون پاس ڪيو ته جڏهن به ڪنهن ڳوٺ ۾ مرڻو پرڻو هوندو ته سيد ۽ ڪلهوڙن جي خاندان جي ڪا به عورت انهن ڏانهن نه ويندي باقي سيد ۽ اسانجي مرڻي پرڻي ۾ سڄي ڳوٺ جون مايون ۽ ٻار ايندا.

شهزوري ۽ پهلواني

اها ڳالهه عام مشهور آهي ته هڪ دفعي اٺ (8) پروچ لاڙڪاڻ کان ڪانڊيجي آيا ته وڏيري سان وڙهڻو آهي، سو ابل واهه جي ڪپ تي ڦلين ۽ شيخن جي وچ وٽ اچي لڪي ويٺا. ان ڏينهن وڏيرو سلطان به پنهنجي ابل واري پنيءَ کان اڳتي ڦلين طرف هليو ويو سو واپسي ان ئي رستي سان اچڻو هيس. پروچن جي لڪي ويهڻ جي خبر محمد اسماعيل پنهور (استاد ضمير احمد بن محمد موسيٰ جو ڏاڏو) کي پئي سو هن وڃي وڏيري کي ڦلين ۾ آگاهي ڪئي پر وڏيري رستي بدلڻ بجاءِ ان ئي رستي سان واپسي ڪئي. وڏيري کي لوڙهه (لٺ) هٿ ۾ هئي. جڏهن اتان لانگاهو ٿيو ته ڪجهه مڙس ڏسڻ ۾ آيس (وڏيري جي ڳالهه ۾ ڪڙڪائي ۽ جرئت هوندي هئي) وڏيري جو هڪ سان سلام ڪرڻ ۽ انهن جو بي همت ٿي پوڻ. وڏيرو اتان ڪراس ٿي آيو مگر انهن ماڻهن مان ڪنهن کي همت نه ٿي جو اتي وڏيري جو رستو روڪي.

ڌاڙيل بهرام مڱڻيجي سان مقابلو

اڄ اهو زمانو اچي چڪو آهي جو هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ تي رائيفل، سائيلينسر گن، پين پسٽل، ڪلاشنڪوف ۽ راڪيٽ لانچر استعمال ڪري رهيو آهي، پر ڪجهه ڏهاڪا اڳ ۾ وڏيري سلطان خان واري دؤر ۾ ٻڌيين ۽ ڀالن، تيرن ۽ تلوارن، لنين ۽ لوڙهين، ڪهاڙين ۽ ڪوڏرن، ٿڦن ۽ مڪن جي ويڙهه هوندي هئي. شهزور اهو مڃيو ويندو هو جيڪو تير يا تلوار، لٺ يا لوڙهه وغيره سان ڪنهن کي ميجرائي.

ڏاڏو سلطان علي خان، انهن شهزور لانڍين مان هڪ هيو جنهن قلم سان نه، ڪتابن سان نه، ڪهاڻين ۽ قصن سان نه، ڪهاڙين ۽ ڪلاشنڪوفن سان نه، بلڪ لٺ ۽ لوڙهه سان، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، ظلم ۽ بربريت، ستم ۽ تونگري، ظالم ۽ جابر خلاف جهاد ڪيو. چور ۽ لوفر، دشمن ۽ ڌاڙيل جي نڙيءَ تي لٺ ڏني.

اهڙا عظيم انسان قوم جو فخر هوندا آهن. اهڙن جوڌن جي ڳالهين يا ڳڻن کي ياد ڪندي قومون پنهنجو شان سمجهنديون آهن. قومي ادب سندن عاشق هوندو آهي. اهڙن سورمن ۽ سوڍن جي ساراهه ڪندي قوم ۾ نئون جذبو جاڳايو ويندو آهي. انهن جون ڪهاڻيون ۽ قصا گلاب جي خوشبو جيان ديس پرديس کي واسي ڇڏيندا آهن. تواريخ اهڙن جوانن جي جيءَ ۾ جانيون ڏيڻ لاءِ آتي هوندي آهي. اها حقيقت آهي ته جتي حق جي هونگار هوندي آهي اتي باطل باهه وانگر پڙڪندو آهي.

هڪ دفعي جو قصو آهي ته بهرام مڱڻيجو خيرپور ضلعي جو وڏو رهزن ۽ نامي گرامي ڌاڙيل هيو. لٺ سان وڙهڻ ۾ وڏي مهارت ۽ ڪمال رکندو هو. لانڙيو ڇئي ڪٽي بس ڪرا جيڪو ور چڙهيس ته سندس وايون بتال ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجي نالائقين ۽ ناجائزين جي هاڪ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. (تنهن وقت ڌاڙيل ايترا بي حياءَ نه هيا، عورتن پوڙهن جو خيال ڪندا هيا. جلدي ۾ ماڻهو ڪين ماريندا هيا. بندوق کان اڳ لٺ جو استعمال ڪندا هيا.) پر جڏهن اها خبر پيس ته ساڳي پومي ۽ علائقي ۾ وڏيرو سلطان علي خان ڪلهوڙو به لٺ جي هنر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ويڙهه ۾ شينهن جيان گجگوڙيون ڪري دشمن جي دل ڏاري ۽ دماغ ڦيرائي ڇڏي ٿو. بهرام ڌاڙيل هن مانجهي مڙس جو نالو ٻڌي ڇاهي جيان سسي ويو. پر دوستن جي ڦٽ ڦٽ کان عازي ميجن کان آر ڪيائين. پوءِ پين رهزن دوستن جي ٽيڪرن ٽوڪرن تي نيٺ وڏيري سلطان خان ڏي چوراڻي موڪليائين ته فلاڻي ڏينهن تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ لٺ ۽ لوڙهه سان لڙائي لڙي ويندي. اهو پيغام پهچندي ئي ڏاڏي سلطان جا وار ڪڙا ٿي ويا، جوش ۽ جذبو، همت ۽ جرئت ڪٽي پئي ويهڻ ڏئيس پر صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺي مجبورن وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو. وقت گذرڻ ۾

وير ڪهڙي ڏاڙيل بهرام مڱڻينجو پنهنجي ڏنل پروگرام مطابق مذڪوره جڳهه تي پهچي ويو. هيڏانهن وڏيرو سلطان لوڙهه سميت ميدان ۾ مرڪندو اچي منهن ڪڍيو. پوءِ لوڙهه کي سڏو ڪري ببر شينهن وانگر گجگوڙيندڙ آواز ۾ چيائين "بيهي رهجانءِ اچانءِ ٿو" هن دلير جي دهشت ته بهرام تي اڳ ۾ ئي چڙهي چڪي هئي سو اپ ڏاريندڙ آواز ٻڌي لٺ هٿن مان ڪري پيس. بهرام هي لفظ چئي پنيان پير ڪيا، "وڏيرا سلطان هاڻي تو جهڙي جوڌي سان اسانجو ملڻ ئي بيڪار آهي. تون اسان کان زور آهين." وڏيري سلطان ويندي ويندي چيس ته ترس ڀيو ڪايون وڃ. پر بهرام ورڻ کان بلڪل باغي ٿي چڪو هو ۽ هميشه لاءِ بهرام، وڏيري جي عزت ڪرڻ لڳو سندس علائقي ۾ قوم وارن جي ڪڏهن به ويجهو نه آيو.(ان کانپوءِ بهرام ۾ انسانيت جا گڻ اجاگر ٿيڻ لڳا.)

بابا سائين ٻڌائيندو هيو ته بهرام ميان خان ۾ ڏاڙو هڻڻ لاءِ آيو. پاڻ ڳوٺ ٻاهران ويٺو ۽ باقي ٻين کي چيائين ته وڃي گهرن مان سامان ڪڍي اچو. هڪ ڏاڙيل وانجاڻي (هندو عورت) جي گهر ۾ گهريو ۽ سامان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ان وانجاڻيءَ (هندو عورت) هن کي سامان ڪڍڻ نه ڏنو ان تي اهو ڏاڙيل ٻاهر اچي بهرام کي ٻڌايو ۽ وڏيڪ حڪم ملڻ لاءِ چيو. ان تي بهرام کي غصو اچي ويو ۽ سڌو وانجاڻي (هندو عورت) جي گهر ۾ داخل ٿيو. ونجاڻيءَ جيئن بهرام کي ڏٺو ته هن کي دانهن ڏنائين ته "ادا، اهو جيڪو تو سان اچي ٿو سو منهنجو سامان ڦرڻ جي ڪري ٿو" بس وانجاڻيءَ جو "ادا" چوڻ ۽ بهرام جو بدلجي وڃڻ. پوءِ بهرام ان ڏاڙيل کي چيو ته هن عورت مون کي ادا چيو آهي هاڻي مونکي شرم ٿو اچي ته مان هن جو ته چا، پر هن جي ڳوٺ مان ڏاڙو هڻا. ان تي بهرام حڪم ڪيو ته جيڪو به پوري ڳوٺ مان سامان ڦريو آهي سو هن وانجاڻيءَ جي گهر ۾ رکو ته هيءَ انهن کي موٽائي ڏيندي پوءِ بهرام هٿين خالي واپس هليو ويو.

جڏهن بهرام جيل ۾ پيو هيو ته اها وانجاڻي عورت ڪيس لاءِ گيهه جا دٻا ۽ ماکيءَ جا شيشا ڪڍي اچي ملاقات ڪندي هيس.

سواري

جيڪڏهن دنيا جي ترقي يافته ملڪن تي نظر وجهبي ته ان دؤر ۾ بيروني ملڪن ۾ پيڊل سائيڪل، موٽر سائيڪل، جيپ يا ڪار هئي ته ان وقت ۾ وڏيري سلطان خان وٽ "مارئي" نالي مومل گهوڙي هئي، جيڪا 03 هزارن ۾ عبدالغفور جتوئي پير شير واري کان ورتي هيائون. جتان پئي لنگهي ته اتان واه واه جا آواز پيا گونجن. وڏيري کي اعليٰ قسم جا اٺ ۽ گهوڙا رکڻ جو شوق هوندو هيو. پاڻ تقريباً زندگي جو سفر اٺن ۽ گهوڙن تي ڪيائون، آخر ۾ پنجاهه واري ڏهاڪي کانپوءِ وليز جيپ رکندا هيا، جيڪي مٿا سٿا ڪندا رهيا.

برقعو مٿائڻ

وڏيرو سلطان علي خان، جيڪو بهادري ۽ دليرپ جي ڪري اڄ به مشهور آهي سو آخر پنهنجي زندگي جا ڏينهن هن فاني دنيا ۾ پورا ڪري، يارهين آگسٽ 1977ع تي برقعو مٿائي ويو سندس تدفين

شيخ طيب (ڪولاب جيل لڳ) جي تاريخي قبرستان ۾ ڪئي وئي.
انا لله ونا اليہ الراجعون

محب موچارا او تن سينگاريا، شاهي تہ جن جو شان آ،
باغ بهاري چمن چوڌاري، گلن جو گلستان آ،
صورت سيرت، هلڻ، چلڻ، صفت ۾ سلطان آ،
”ڪُل نفسِ ذائقتہ الموت“ جو لڳل تير ڪمان آ.

***


FIVE RUPEES
پاڪستان
7 MAR 1972

07.04.1972 آخري جيپ جي خريداري ڪرڻ جو دستاويز



07.04.1972 آخري جيپ جي خريداري ڪرڻ جو دستاويز

(حصو ٻيو)